SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# 2011 جو سنڌ ايڪٽ نمبر III
# SINDH ACT NO.III OF 2011
# سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) ايڪٽ، 2010
# THE SINDH CIVIL COURTS (AMENDMENT) ACT, 2010
# فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر II جي دفعه 7 جي ترميم

Amendment of Section 7 of West Pakistan Ordinance No.II of 1962

3. 1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر II جي دفعه 24 جي ترميم

Amendment of Section 24 of West Pakistan Ordinance No.II of 1962

# سنڌ ايڪٽ نمبر III جو 2011
# SINDH ACT NO.III OF 2011
# سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) ايڪٽ، 2010
# THE SINDH CIVIL COURTS (AMENDMENT) ACT, 2010

[24 فيبروري 2011]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) ايڪٽ، 2010 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1962 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر II جي دفعہ 7 جي ترميم
Amendment of Section 7 of West Pakistan Ordinance No.II of 1962

2. سنڌ سول ڪورٽس آرڊيننس، 1962 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڇاٽايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 7 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

“7.ضلعي جج جي عدالت جو اصل دائره اختيار. هن آرڊيننس موجب يا وقتي طور لاڳو ڪنهن قانون موجب، ضلعي جج جي عدالت جو اصل دائره اختيار سول ڪيسن ۽ ڪاررواين ۾ بنا ملهہ جي حد جي هوندو، سواءِ ڪراچي جي ضلعن جي، جتي سول ڪيسن ۽ ڪارروائين ۾ پندرنهن ملين رپين کان وڌيڪ ملهہ تي

اصل دائره اختيار هاءِ ڪورٽ کي حاصل هوندو:
بشرطيڪ مٿي ڄاڻايل ڪجهه به سنڌ سول ڪورٽس (ترميم) ايڪٽ، 2010 جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ هاءِ ڪورٽ ۾ التوي هيٺ ڪنهن سول ڪيس يا ڪارروائي کي متاثر نه ڪندو ۽ اهڙا سمورا سول ڪيس ۽ ڪارروايون هاءِ ڪورٽ طرفان هلايون وينديون ۽ فيصلو ڏنو ويندو.

1962 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس نمبر II جي دفعه 24 جي ترميم
Amendment of Section 24 of West Pakistan Ordinance No.II of 1962

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 24 ۾ لفظ "ٽيهه لک رپيا" جتي به اچن، لفظن "پندرنهن ملين رپيا" سان تبديل ڪيا ويندا.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**